SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1997

SINDH ACT NO.II OF 1997

اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997

THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMEMDMENT) ACT, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ دفعہ 25_A جو اضافو
Insertion of Section 25_A in the West Pakistan Family Courts Act, 1964

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1997

SINDH ACT NO.II OF 1997

اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997

THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMEMDMENT) ACT, 1997

[15 سيپٽمبر 1997]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ،

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾، دفعه 25 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه

1964 ۾ دفعہ 25_A جو اضافو

Insertion of Section 25_A in the West Pakistan Family Courts Act, 1964

شامل ڪئي ويندي:

(25_A ڪيسن جي منتقلي) (1) جيستائين ڪجھ ڪنھن قانون جي متضاد نہ ھجي، ھاءِ ڪورٽ ڪنھن ڏر جي درخواست تي يا پاڻمرادي نوٽيس تي، لکت ۾ حڪم جاري ڪري سگھي ٿي.

(a) ھن ايڪٽ تحت ساڳئي ضلعي ۾ ھڪ فيملي ڪورٽ کان ٻي فيملي ڪورٽ ڏانھن ڪو مقدمو يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ يا ھڪ ضلعي جي ھڪ فيملي ڪورٽ کان ٻئي ضلعي جي ٻي فيملي ڪورٽ ڏانھن ڪو مقدمو يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ؛ ۽

(b) ھن ايڪٽ تحت ھڪ ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ کان ٻئي ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڏانھن ڪا اپيل يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ؛

(2) ڪا بہ عدالت جنھن کي مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعہ موجب مقدمو اپيل يا ڪارروائي منتقل ڪئي وئي آھي، جيستائين ڪجھ ھن ايڪٽ جي متضاد نہ ھجي، ان کي اڪلائڻ جو ايئن اختيار حاصل ھوندو ڄڻ اھا ان وٽ داخل ڪئي وئي ھئي؛

بشرطيڪ ڪنھن مقدمي جي منتقلي تي، اھو ضروري نہ ھوندو تہ جنھن جج جي سامھون نئين سر ڪارروائي لاءِ اھو رکيو وڃي تہ جج لکت ۾ سبب ڄاڻائي، يا ٻي صورت ۾ ھدايت ڪري.".

3.اولھ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.